
هوا جو ڏينهن
عاجز ميرواهي

هوا جو ڏينهن

عاجز ميرواهي

كتاب جا سڀ حق واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو	:	هوا جو ڏينهن (شاعري)
ڇاپو	:	پهريون
سال	:	فيبروري 2008
تعداد	:	500
ملهه	:	40 روپيه
ڪمپوزنگ	:	ح .خ "گل" ٻرڙو
		ساکي سنگت
		saakhisangat@gmail.com
ڇپيندڙ	:	ايجوڪيشنل پرنٽنگ پريس ڪراچي
ڇپائيندڙ	:	سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

ارپنا

پنهنجي پيارن سڄڻن

علي احمد بروهي

هري موٽواڻي

استاد الهنواز رڪٽائي

۽

نظر لاکائي صاحب

کي

فهرست

پنهنجي پاران ________ 5

رايا ________ 7

حمد ________ 11

نعت ________ 12

منقبت ________ 13

سنڌ جي ثنا ________ 14

غزل ________ 17

گيت ________ 65

چئو ستا ________ 69

وايون ________ 73

پنهنجي پاران

سوچون نہ سلڻ جهڙيون

هر ڪنهن انسان جي اَوّلين خواهش سندس بهتر ساٿ ۽ سنگم آهي جنهن ڪي هو شايد لاشعور ڪان وٺي ساري ٿو ۽ شعور ۾ اچي وڏيڪ ان طرف متوجہ ٿئي ٿو . ائين ئي ڪجهہ مون بہ محسوس ڪيو آهي ۽ مون سان بہ اها ترئجڊي ٿي آهي تہ مون جنهن ڪي لاشعور ڪان وٺي چاهيو شعور ۾ اچي مون ڪان هٿ ڇڏائي ورتو . بعض اوقات ڪوڙ سارا ماڻهو اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي اهڙن مرحلن ۾ پاڻ سنڀالي ۽ دنيا سان ٺاهہ ڪري ڪجهہ ردو بدل عيوض نهي جڙي راس ٿي ويهندا آهن، ليڪن مون ڪان ائين ڪونہ ٿي سگهيو ۽ نتيجي طور " تر جي گٿي سئو چوٿون ڪائي"جي مصداق ناڪام محبت جي راهن ۾ پاڻ رُلي ويس. هي منهنجو نئون شعري مجموعو بہ هڪ رول/ منجهيل/ ماندي ۽ اُٻاڻڪي ذهن جي افسرده خيالن جو نتيجو آهي. جنهن سان شايد اهي سهمت نہ ٿي سگهن جن ڪي سندن محبتون حاصل ٿيون آهن. مون رومانس ڪي انتهائي ويجهڙائي ڪان اجان تائين محسوس ناهي ڪيو، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪٿي

ڪٿي ڪنهن کي رومانس محسوس ٿئي ته اهو ان کي منهنجي هڪ ذهني خلش طور تسليم ڪري. باقي دنيا ۽ دنياداري کي پنهنجي وِت ۽ وس آهر جيڪو ۽ جيترو سمجهي سگهيو آهيان، انهيءَ کي هتي هوبهو ائين ئي بيان ڪرڻ جي هڪ ناقص ڪوشش ڪئي اٿم، پوءِ ان ۾ ڪامياب يا ناڪام جو فيصلو اوهان پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا.

آخر ۾ انهن مهربانن جا احسان مڃيندس جن هن تخليقي ڪم ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي. مولوي نبي بخش "دانش"، سائين خادم جلالي صاحب، ڪرم ٽالپر ۽ جيجي ڪنيز فاطمه راڄپر جا ٿورا.

عاجز ميرواهي

موبائيل نمبر: 0332.2729258

ٽري ميرواهه

25 ڊسمبر 2007ع

عاجز ميرواهي جي پنهنجي اصل نالي آيت الله سان لکي ها تہ هوند ائين سمجهي ها تہ ايران جي خميني بزرگن جي نسب يا سلسلي جو ڪو فرد آهي، جيڪو سنڌ ۾ اچي شاعري ڪري رهيو آهي .واقع ائين آهي ۽ هو لغاري بروچ آهي ۽ ٺري ميرواهہ ۾ پيڙهين کان رهي ٿو.

چوندا آهن تہ سماج ۾ رهندي، ماڻهو تي ماحول جو وڏو اثر پوندو آهي. عاجز بہ هڪ ماڻهو آهي معاشري جو حساس فرد ۽ ماڻهن سان رهي ٿو، ماڻهن جون خوشيون ، ڏک ۽ سمورا احساس دل ۾ اکين سان ڏسي ۽ هنڊائي ٿو ۽ انهن سمورن احساسن کي پنهنجي تخليقي عمل جو بنياد بڻائي، اهو سڀ ڪجهہ معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن کي موٽائي ڏي ٿو.

ساحر لڌيانويءَ تہ اها ڳالهہ پنهنجي هڪ شعر ۾ بہ ڪئي آهي تہ دنيا آزارن ۽ حادثن جي شڪل ۾ جو ڪجهہ مونکي ڏنو آهي مان اهوئي موٽائي ڏئي رهيو آهيان .

تاج بلوچ
چيف ايڊيٽر
سوجهرو ڪراچي.

عاجز ميرواهي جو ڪتاب هٿ آيو تہ سهٽي ڪور سا روبرو ٿيس.
" **هوا جو ڏينهن** " لڳو تہ ڪنهن زندگيءَ جي اُس کان مڪتي پائي ڇانو ۾ هڪ وڏو اُيو ساهُ پٽيو هُجي. لازمي بہ آهي، شايد اڄڪلهہ جو آدم آشا جو دامن ڇڏي روزمره جي هِن جيون جي ڪشمڪش جي وادين ۾ اُلجهي رهيو آهي، جِتي خودغرضيءَ جي هوا ڦهلجي رهي آهي، فضائن ۾ نفرتن جا نانگ وسي ويا آهن، هن جي لفظن ۾ بي درد زماني جي تصوير چٽي پئي ڏسڻ اچي.

دوستيون ياريون بہ مطلب جون ٿيون لڳن،
يارءِ پيارا بہ ٿا دشمن لڳن.

اهڙا ڀاو منهنجي هن شعر ۾ سمايل نظر پيا اچن :

پنهنجو پنهنجو پيو چئي ڪوئي لُٽي ڏينهن رات ٿو،
سال گذريا پو پتو پيوڪيئن لٽي ڏينهن رات ٿو.

پر هن دور جي جدوجهد جي وچ ۾ هڪ وطن سان ڪيل واعدو بہ نڀائڻو آهي.
اچو تہ ٻڌون عاجز ميرواهي جي زباني :

نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سنڌ سلامت رکڻي آ،
ظالم، جابر، پست بنائي سنڌ سلامت رکڻي آ.
حاڪم اڄڪلهہ وارا سارا ڳيجهو هڪڙي قاتل جا،
تن کان سارو قرض چڪائي سنڌ سلامت رکڻي آ.

هڪ ارمان اِهو بہ پورو ڪرڻو آهي، جو پنهنجي سنڌ جي سوغات اسانجي منڙي ٻولي سنڌي پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ جي لاءِ اجا بہ سوگهي ڪري رکڻي آهي.
سچائي سامهون سِج جي روشني ٻڌجي اسان کي هِڪ سنديش ڏئي رهي آهي تہ اُميدُن جو ڏيو ٻاريون،

سڀ سمهي پيا ٻيا،
جاڳي هڪڙو رب ءِ مان......
"شجاڳي " اسانجو وسُ آهي!!!

ديوي ناگراڻي ، 10 فبروري، 2008 New Jersey, USA

عاجز جي شاعري مون چڱي طرح پڙهي آهي، هو تمام زبردست لکي ٿو ، رواني، جامعيت ۽ غرابتِ الفاظ کان مبرا هجڻ سان گڏوگڏ موجوده حالات کي باقائدهْ ڇهي ٿو، سندس ڪلام ۾ اهي سڀ شاعراڻيون خوبيون موجود آهن جيڪي هڪ شاعر جي شاعري توڙي شعور ۾ هجڻ کپن، پاڻ مذهب تي بہ لکيو اٿس، تہ قوم تي بہ ، حالات تي لکيو اٿس تہ ديس تي بہ ، ان سان گڏو گڏ موجوده زماني جي ڪنورتائن ۽ انساني جنگ وجدال کي بہ تمام نفيس الفاظ سان صفحہ قرطاس تي چٽيو اٿس.

هن موجوده ڪتاب ۾ چند سٽون تہ اصلي املہ آهن، شايد سون جي پاڙي سان لکجن تذهن بہ گهٽ آهن ۽ خاص ڪري ڪي شيون تہ صفا ڦهر جون اٿس.

نبي بخش "دانش"
ٺري ميرواهہ

عاجز ميرواهي نہ رڳو رومانوي شاعر آهي پر هو هڪ مزاحمتي شاعر پڻ آهي. طبقاتي سوچ جو مخالف هي شاعر هڪ خود دار، با ضمير، بي باڪ ۽ باڪردار شاعر آهي.

هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي حسن جا سمورا رنگ ۽ روپ پسي سگهجن ٿا. عاجز ميرواهيءَ جي شعرن جي حسن، سادگي ۽ احساس کي سمجهڻ لاءِ اسان کي پڻ عاجز جهڙي نرم نفيس ۽ پيار ڪندڙ دل رکڻي پوندي.

معشوق ڏاريجو

مرڪزي خزانچي

سنڌي ادبي سنگت سنڌ

حمد

هلائـــين تـــو چلائـــين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو ،
دنيـــا هـــي پيـــو وســـائين تـــو ، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو .

تـون ئـي مالـڪ، تـون ئـي خـالق، تـون ئـي رازق رزق ڏينـدڙ ،
پيـــو روزي رســـائين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو .

تـــوئي ارض وســـما ثاهيا،جبـــل وڻ تـــڻ ۽ گـــل ٻوٽـــا،
هوائـــون پـــڻ هلائـــين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو .

ڪڪـر رحمـت سندا آڻـي وسـائين تـو سـدائين تـون،
زمـــين ســـائي بڻـــائين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو .

ڪـدين تـو تـون ئـي جبلن مـان اهـي پـاڻيءَ سندا چشما،
نـــديون نـــارا وهـــائين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو .

ســـنڌِ احـــسان آ مالـــڪ ٻـــڌائي ڇـــا ڀـــلا "عـــاجز"،
عـــرض اُن جـــو اگهـــائين تـــو، خـــدايا شـــڪر آ تنهنجـــو.

نعت

پيڙا ٻني سر لايو نبي سائين،
فضل وكرم فرمايو نبي سائين.

سيد ضامن آهين ضعيفن،
اڙين کي ڇڏرايو نبي سائين.

ڀاڳ رُسي ويا بگڙي قسمت،
بخت سندم بڻرايو نبي سائين.

قبر حشر جو خوف سجهي ٿو،
همت کا وترايو نبي سائين.

در سندءِ تي ڏيندو غلامي،
"عاجز" کي سڏرايو نبي سائين.

منقبت

بـک پيـاس ۾ گـذارو ، حـضرت حسين عـ جـو ،
صـحرا ۾ آ سـتارو ، حـضرت حـسين عـ جـو .

قربـــان ٽيـــا وڏڙا ، معـــصوم ننـــديا ٻچـــڙا،
گهـر ٻـار ويـو سـارو ، حـضرت حـسين عـ جـو .

غـم درد رکـڻ لازم ڪربـل جـي شـهيدن جـو ،
محـرم مهينـي وارو ، حـضرت حـسين عـ جـو .

خنجـر جـي نـوڪ هيٺيـان قـائم نمـاز و قـرآن،
سجدي ۾ سـر سوپارو، حـضرت حـسين عـ جـو .

"عــاجز" اچـار هــر دم پنهنجـي زبــان تــي ،
نــالو مٺــو نيــارو، حـضرت حـسين عـ جـو .

سنڌ جي ثنا

نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سنڌ سلامت رکڻي آ ،
ظالم ، جابر ، پست بنائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

ارڏا آهيون، سر جي بازيءَ تي پڻ کيڏڻ چاڙهون ٿا ،
موت اسان لئہ مِٺو ناهي ، سنڌ سلامت رکڻي آ .

ست سِتن ٿا، دشمن شايد واقف ناهن سنڌين کان ،
نقشا تن جا خاڪ ملائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

شهرڪراچي مفت ۾ ناهي بخشش ۾ جو ڏئي ڇڏيون
حيدرآباد سميت موٽائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

حاڪم اڄڪلهہ وارا سارا ڳيجهو هڪڙي قاتل جا ،
تن کان سارو قرض چڪائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

شاعر آهيون فرض ٿئي ٿو ، جاڳرتا جو درس ڏيون ،
وقت کان اڳ ئي قوم جاڳائي سنڌ سلامت رکڻي آ .

غزل

درد ۾ درمـــــان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي ،
ســاءَ جـــي ســامان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي .

ســونهن ۾ مــونكي خــدا پيــو تــو سُـجهي ،
انكـــري انـــسان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي .

كالهــ جيــئن محبــوب ســان ميلــو ٿيــو ،
اڄ بـــ ان امكـــان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي .

حوصــلو پنــدَ جــو كٽــان حاصــل كجــي ،
۽ وچايـــل ڏيـــان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي .

تــو چــوي "عـــاجز" اجـــان ڀـــي وقــت آ ،
يـــار پنهنجـــي شـــان كـــي ڳـــولڻ ڪپـــي .

آئيني کي سچ ڳالهائڻ ئي کپي ،
ڪسوٽي کي ڪَسُ پڌائڻ ئي کپي .

ڪير ڪنهنکي ڪيستائين جوڙيندو ،
هر ڪنهنکي پاڻ ٺاهڻ ئي کپي .

زندگيءَ کان پيي اهم آهي عزت ،
جنهن کي هر صورت بچائڻ ئي کپي .

ڪونهِ اميدن جو ڪوئي ڇيهه ا ،
خواهشن کي ونگ ورائڻ ئي کپي .

پيار جي هر ڳالهه لڪ ۾ آچڱي ،
وقت آئي ڪجهه پڌائڻ ئي کپي .

جي زندهه سڀ ديس لئه "عاجز" رهون ،
پوءِ مري ان لئه ملهائڻ ئي کپي .

تي پيو آهي جيئڻ هڪ مسئلو ،
۽ سجهي پڻ ڪونہ تو ڪو پر جهلو .

روڪجن جي ڪونہ ٿيون ڳالهيون گهٽيون ،
تو جُڙي پوءِ تن منجهان ئي معاملو .

حق صداقت جي سدائين سوپ آ ،
پر ڪتّڻ هارڻ نہ آهي مرحلو .

دوستيءَ مان دشمني ٿيندي ڏٺم ،
دوستن تي پي نہ آهي ڀروسو .

زندگي ڪيڏي ڪٺن گذري پلي ،
پر نہ ڇڏجي يار هرگز حوصلو .

پل هوا جو رخ مخالف تي رهي ،
ٻارڪو "عاجز" اميدن جو ڏيئو .

ڏيـــنهن ٿـــي ســـارا بـــ ٿـــا دشـــمن لڳـــن ،
رات جـــا تـــارا بـــ ٿـــا دشـــمن لڳـــن .

بـــاغ ۾ بـــدبوءِ آ بـــارود جـــي ،
گـس گهٽيـون چـارا بـ ٿـا دشـمن لڳـن .

جـو هـوا ڪمـزور ٿـي پئـي آهـي اڄ ،
هـي ڪڪـر ڪـارا بـ ٿـا دشـمن لڳـن .

دوسـتيون دنيـا ۾ مطلـب جـون ٿيـون ،
يـارَ پيـارا بـ ٿـا دشـمن لڳـن .

رشـتيداريءَ ۾ بـ گهـٽ ٿـي ساءُ آ ،
قـربتن وارا بـ ٿـا دشـمن لڳـن .

آپگهـاتي حمـلا "عـاجز" پيـار ٿـي ،
نيـنهن جـا نعـرا بـ ٿـا دشـمن لڳـن .

رت روئي آسمان سج لٿي ،
سرخ سارو جهان سج لٿي .

نج ڳاڙهي افق منجهان ياسي ،
چڙ ٿيو امتحان سج لٿي .

واهيري ويل ياد آيا ڇو ؟
ڪنهنجا قدمن نشان سج لٿي .

رات ڪاري مان ير! اميدون ڇا ،
جاڳ جوئي سامان سج لٿي .

عمر جون گهڙيون ويون "عاجز"
پر پئي سڌ ئي ڪان سج لٿي .

تيـــر كمـــان تـــي چانيـــل آهـــي ،
جنـــگ ڏيـــان تـــي چانيـــل آهـــي .

ڪيـــئن وســاريان ذڪـــر اهـــو مـــان ؟
جيڪـــو زبـــان تـــي چانيـــل آهـــي .

ڪـــو بـــ تـــ پاســو خـــالي ڪـــونهي ،
حـــرص جهـــان تـــي چانيـــل آهـــي .

چـــپ ڪـــانپوءِ اهـــوئي ٽيڻـــو آ ،
جـــو امڪـــان تـــي چانيـــل آهـــي .

روح جـــي رونـــق يـــا بربـــادي ،
جـــسم ۽ جـــان تـــي چانيـــل آهـــي .

روز ڊڄـــان تـــو ان ڪـــان "عـــاجز" ،
جـــو آســـمان تـــي چانيـــل آهـــي .

رات جـــي اكـــڙين منجهـــان ڳوڙهـــا ڳـــڙن ،
مـــاڪ جـــا قطـــرا انهـــيءَ مـــان ٽـــا جـــڙن .

آدمـــين اخـــلاص کـــي آهـــي ڇـــڏيو ،
هـــاڻ ڪـــنهن صـــورت نٿـــا ڪـــنهن کـــي وٽـــن .

مـــسجدن ڏي ڊوڙ مڪـــارن ســـندي ،
ڇـــو نٿـــا دنيـــا انـــدر ســـڌري هلـــن .

جـــن ڇـــڏيو پئـــسو آ پئـــسو تـــن پٺيـــان ،
جـــي پٺيـــان پئـــسي نـــه ســـي ســـکيا رهـــن .

مـــوت ڪـــنهن کـــي يـــاد "عـــاجز" ڪونـــه آ ،
بـــي فڪـــر مـــاٺهو پيـــا گهمنـــدا وتـــن .

ٻــي جــي عيــبن كـــان اگـــر شـــرمائجي ،
پنهنجـــي عيـــبن ڏي بــــ ڪجهـــ واجهـــائجي .

تـــا ســـدا چـــاهيون اڇـــي پرچـــائي ٻيـــو ،
پـــر پلـــو كـــنهن كـــي وجـــي پرچـــائجي .

ســـپ ســـنو آ پـــاڻ جـــو ســـمجهي وٺـــون ،
ان كـــان بهتـــر ٻئـــي كـــي جـــو ســـمجهائجي .

ســـپ وڏـــي ســـان دل لڳـــائين تـــا مگـــر ،
اڻ وڏـــيءَ كـــي پـــي تـــــ جيكـــر پـــائجي .

انفـــــرادي خيـــــال ويـــــا آهـــــن وڏي ،
اجتمـــــاعي ســـــوچ كـــــا جاڳـــــائجي .

كاميـــابي ٻئـــي جـــي پـــل ســـاراهجي ،
پـــاڻ پـــي ڪجهـــ جـــڳ انـــدر ميرائجـــي .

خـــواب ساپيان تـــي پـــون "عـــاجز" ســـيئي ،
قـــوم كـــي همـــت اگـــر وڌائجـــي .

هيءُ جهان ٻئي جهان جي لاءِ آ ،
جيئن زمين آسمان جي لاءِ آ .

مشڪلاتن ڪان ڇو ڊڄي ماڻهو ؟
آدمي امتحان جي لاءِ آ .

دل منهنجي مفت ۾ ڏيڻ لاءِ ،
پر ڪنهن قدردان جي لاءِ آ .

پند جيڪو به تو ڪجي ڪاڏي ،
سو به ڪنهن هند رسان جي لاءِ آ .

هيءُ موضوع تو جو ڪنيو "عاجز"،
سو برابر بيان جي لاءِ آ .

ويندن پويان ويڌن آهي،
رهبر دنيا رهزن آهي.

خوشبو لئه سنسار سمورو،
پوءِ ڇو بد بوءِ گلشن آهي.

جي انسان تو پاڻ تي سوچي،
هو هر شئي جو مسڪن آهي.

هڪ وڻ ڏار بان جا پوءِ پيي،
ڏار تيل ڇو پن پن آهي؟

جيت ۽ هار جي هيءَ مند "عاجز"،
ڇاڻ وچڙ تي جوين آهي.

حقيقت کان انڪار جو وقت آيو،
هي اونڌو اونڌو انڌوڪار جو وقت آيو.

گلن جي نزاڪت کان ماڻهو نه واقف،
ڪنڊن سان سروڪار جو وقت آيو.

گهٽي ڦهلجي وئي وبا نفرتن جي ،
دلين کي ڪرڻ ڌار جو وقت آيو.

سچوءَ ڪرو جو به ماڻهو آ "عاجز"،
انهيءَ لئه تہ آزار جو وقت آيو.

ڪـــڏهن اي زمانـــا نـــ هونداســـين اســـان ،
چـــڏي آشـــيانا نـــ هونداســـين اســـان .

وفـــائون اســـان جـــون تـــري اينـــدئي دل تـــي ،
روئـــي ڏينـــدين جانـــا نـــ هونداســـين اســـان .

نڪـــي گيـــت هونـــدا نـــ گونجـــار ٿينـــدي ،
نـــ وڃنـــدا ترانـــا نـــ هونداســـين اســـان .

دلـــين جـــي بـــ ڌڙڪـــن ٿـــي خـــاموش ويـنـدي ،
نظـــر جـــا نـــشانا نـــ هونداســـين اســـان .

بـــسنت رت ۾ بـــادل اينـــدا پرجـــي "عـــاجز"
ملـــڻ جـــا بهانـــا نـــ هونداســـين اســـان .

اونداهيءَ سان اجالو ڪيئن ٿيندو ؟
ڏکن ۾ هو جمالو ڪيئن ٿيندو ؟

عزم ڪمزور هوندا منزلن تي ،
پڄڻ لاءِ ڪشالو ڪيئن ٿيندو ؟

جي ملندي عام معافي ظالمن کي ،
ظلم جو ڪو ازالو ڪيئن ٿيندو ؟

نہ محنت سان محبت ڪابہ رکبي ،
مثالي ڪو حوالو ڪيئن ٿيندو ؟

ٻين وانگر رڳو ڪائڻ ۾ پيئڻ ،
ائين ڪوئي نرالو ڪيئن ٿيندو ؟

پيو ڪتي جيئڻ سندو سامان آ ،
زندگاني چند گهڙيون مهمان آ .

ائين خطا ناهن ٿيا هي حوصلا ،
تو ڏسان پيو چوءِ طرف گهمسان آ .

نفرتون پکڙي ويون هر دل اندر ،
ڪو ڪدورت جو ٿيو اعلان آ .

پيرين پيادو آهيان ۽ ڏرتتيءَ ،
سج ، مٿان ڪان ايريو شمشان آ .

ٿيو ڏکيو ڏونگر سندو "عاجز" سفر،
پر همٿ سان هر قدم آسان آ .

نانگ وانگر پيو تو هر ڪوئي نچي ،
ساز جو آواز قاسائڻ اچي .

ڏک ڏولاون جا مسئلا ٿيا پلا ،
وڻ جو ميوو جهڪ جهولن ۾ پچي .

ٻئي ڪي مارڻ آهه سولو ٿي ويو ،
سو ٻه ان مقصد تہ ماڻهو خود بچي .

جو ٿيو ڏاهو سو سک چا پائيندو ،
روز "عاجز" ! رهندو ڏک ۾ ءِ ڏچي .

هر لمحو هڪ منظر آهي ،
پوءِ بدتر يا بهتر آهي .

ماڻهو ماڻهو ملهه لهي ٿو ،
ڪمتر يا ڪو برتر آهي .

ياد ڪندي ڪنهن يار سڄڻ کي ،
درد وڏي ويتر آهي .

سوچ سمنڊ ۾ لوچ جون لهرون ،
هر ساروڻي بڏ تر آهي .

يار گلابي گل نه ٿيو جي ،
سات سمورو ٿوهر آهي .

محبت جي ميدان ۾ "عاجز"
جي سمجهو هڪ گوهر آهي .

صبر جو دامن ڇڏايل ٿو ڏسان،
سخت تر هر مهل آيل ٿو ڏسان .

ڪوفي وارن کي مُيَسر آ شراب ،
ڪربلا وارا اڃايل ٿو ڏسان .

آ ڪٺو لشڪر سڄو فرعون جو ،
هڪ نبي موسيٰ ستايل ٿو ڏسان .

عرش کان ڪوئي اچي مسئلا چندبي ،
فرش تي سڀ مت منجهايل ٿو ڏسان .

هڪ دفعو "عاجز" نه آهي شعر ۾ ،
ڳالهه هي هر هر ٻڌايل ٿو ڏسان .

دشـــمني جـــو دور آهـــي چـــوٽ تـــي ،
چـــو تـــہ هـــر كـــوئي لٽـــو آ كـــوٽ تـــي .

جهـــڙي كرڻـــي تهـــڙي ڀرڻـــي آ اصـــول،
چـــو ڏكايـــل آهـــين ڏكئـــي مـــوٽ تـــي .

زر تـــي شـــهرت، زر ســـان عـــزت، مرتبـــو،
كهـــڙو كـــم آ جـــو نٿـــو ٿئـــي نـــوٽ تـــي .

لـــوڀ لالـــچ حـــرص بـــي ايمـــاني گهٽـــي ،
جـــڻ حيـــاتي ٿـــي خـــتم ٿئـــي تـــوٽ تـــي .

ڀـــاڱ تـــي رک ڀروســـو "عـــاجز" پكـــو ،
چـــو رڳـــو ڳالهـــائين ويـــٺو اوٽ تـــي .

هر تات علامت آ،
فڪرات علامت آ.

هن ڏيهه ۾ ڏاڍائي،
ڏينهن رات علامت آ.

سچڻ جا ستم سمجهان،
سوغات علامت آ.

سهميا ٿا رهن ماڻهو،
خطرات علامت آ.

"عاجز" سندي غزلن ۾،
پريات علامت آ.

زندهہ پـــي مـــاڻهو ســـڏائي تـــو ســـگهي،
مـــوت ســـان پـــي اک ملائـــي تـــو ســـگهي .

چـــاهتون ٻئـــي طـــرف آهـــن جاڳنـــديون،
ورنـــہ هـــر ڪـــو دل لڳـــائي تـــو ســـگهي .

جـــڏ ٻـــين جـــي پـــي حقـــن جـــو ســـوچبو،
تـــڏ پنهنجـــو پـــي ڪجهہ بچـــائي تـــو ســـگهي .

هـــر هميـــشہ نـــاهي ٻئـــي تـــي منحـــصر ،
پـــاڻ پـــي مـــاڻهو ملهـــائي تـــو ســـگهي .

وقـــت ســـان گـــڏ گهـــاوَ پيرجـــي تـــا وچـــن،
پـــر نـــہ ڪـــو دلبـــرُ پُلائـــي تـــو ســـگهي .

انڌ جي گهوڙي مٿان ڪيئي سوار،
چاڙهه ڪريا ڪيترو رهندا هوشيار،

رت سنديون گرڙيون ڪري جيڪي سُتا،
سي ڪٿي حاصل ڪري سگهندا قرار.

زندگي هر حال ۾ چاهي نباهه،
جو پلا ماڻهو ٿئي تنهن کان فرار.

جو ڏنو ٿئي تو ٻنو سو آ پلو،
ورنه ڪاڏي ويا ڪتي ڪيئي خرار.

هيءَ حياتي دم گهڙي جو کيل آ،
تون مسافر وانگي "عاجز" تي گذار.

سمجهي سگهي ڪو شايد : تحفي جي محبت ڪي،
تحفي سان گڏ سندي ڪنهن پنهنجي جي محبت ڪي

مقصد ڪان ڪين هتيو توٽي جو موت آيس،
دنيا پلا چا چاٽي ؟ ارڏي جي محبت ڪي .

تارازي آٽيو توريون انصاف عدالت سان،
فطرت جي محبت ۽ پئسي جي محبت ڪي .

اظهار ئي آ سپ ڪجهہ تڪرار جي نہ جاڳي،
ائين ڪونہ ڪوئي سمجهي گونگي جي محبت ڪي .

"صورت جا سپ ثناگر"سيرت ڪي ڪير سمجهي ،
رنگ ڍنگ وڃائين تا ڪوجهي جي محبت ڪي .

داناءَ اڇو ۽ گڏ تيو هي سوال اتيو آهي،
رت ڪي سلام آ ، يا رتبي جي محبت ڪي .

محبتون حد شمار کان ٻاهر،
جي ڪجن، اعتبار کان ٻاهر.

بي قراريون قرار ڳولهين ٿيون،
ڪونه ڪنهن جي نهار کان ٻاهر.

چنڊ ڦاٽو آ وچ ڪڪرن ۾،
ٿو لڳي جڻ وقار کان ٻاهر.

ڪير آهي جو پاڪ پوتر آ؟
شوق ڪان ۽ شڪار کان ٻاهر.

غم، خوشي آهي جي گڏيل يارو،
جيت پي ناهي هار کان ٻاهر.

شاعرن ۾ ته هڪڙو "عاجز" پي،
آهي چريو، سڌار کان ٻاهر.

زندگي پنهنجي تہ پياري ٿا رکون،
پر نظر بئي تي قهاري ٿا رکون.

عارضي سمجهون ٿا جي ساريون گهڙيون،
چيز هر ڪا پڻ اڌاري ٿا رکون.

جيب ۾ آهي شرافت جي سَنَدَ،
سوچ شايد ڪا ڏوهاري ٿا رکون.

دل ۾ ڪاتيون ۽ ڪهاڙيون هن لڪيل،
ظاهري ڏاڙهي سوناري ٿا رکون.

يار "عاجز" ڪيئن چئون دلبر بنا،
چين آهي ۽ بهاري ٿا رکون.

ڏينهن ۾ ڏهه پيرا ياد اچين تو او پرين !
دل ۾ سندءِ ديرا ياداچين تو او پرين !

نيٽن جي رستي تنهنجي کيان ڳولها
کي تو ڏسان پيرا ياد اچين تو او پرين !

ڏينهن جي گردش ۾ رات ستارن جا
پائيان تو گهيرا ياد اچين تو او پرين !

ڪوئل جي ڪوڪو ڀيرن جي گهوگهو
صبح جا ويرا، ياد اچين تو او پرين !

جهڙا پي آهيون ته به تنهنجائي آهيون
مندا يا ميرا، ياد اچين تو او پرين !

وقت کي آبخار ڇا چئجي !
هر گهڙي آبيمار ڇا چئجي!

مان ملڻ جي شديد خواهش ۾،
هو چوي :"انتظار" ڇا چئجي !

آ ڪٽي هاڻ رت بسنت سندي،
فصل گل بيقرار ڇا چئجي !

هر ڪو لمحو وصال ڪان اڳ ۾،
ٿو رهي سوڳوار ڇا چئجي !

سچ چوين ٿو مڙين نٿو "عاجز"،
ماٺون ماريندئي يار ڇا چئجي !

نصيبن جي بازي چا هاريون ٿا پيا.
اسان پاڻ جيئري ئي ماريون ٿا پيا.

اُجهامي ويا سڀ اميدن جا ڏيئا،
جدا ٿي جڏهن ڪان گذاريون ٿا پيا.

بهارن جي مند ۾ ڪڪر ڪارا آيا،
تڏهن سات سهڻا سنياريون ٿا پيا.

سڪا لڙڪ اکڙيون وسڻ کان بيهي ويون،
دلين جي ٻه ڏڙڪن بيهاريون ٿا پيا.

سنڌءِ غم ۾ غلطان آهيون اي "عاجز"،
خوشيون ٿيڪي ٿيڪي سهاريون ٿا پيا.

تا اچن سيارا پرين پيارا ڪٿي؟
سيءَ سجهن پارا پرين پيارا ڪٿي؟

سڀ سندا محبوب آهن روبرو ،
مان ڏسان چارا پرين پيارا ڪٿي؟

راتيون غمگين گذرن ڏينهن ڏکيا،
ميت مونجهارا پرين پيارا ڪٿي؟

سج سان آ روشني ۽ چنڊ سان،
گڏ رهن تارا پرين پيارا ڪٿي؟

موسمون مندون ٻه هڪ ٻئي ساڻ گڏ،
ڪنهن رکيا ڏارا پرين پيارا ڪٿي؟

پوهه پارن ۾ مري "عاجز" ويندءِ ،
وار ڪي وارا، پرين پيارا ڪٿي؟

ننڊ نيڻان نيئي ، تون هليو وئين متا !
جاڳ تحفو ڏيئي تون هليو وئين متا !

مون تہ ڏاڍو ڪيو ڪيئن تو روڪيان،
پاڻ دل ۾ پيهي، تون هليو وئين متا !

ڪو مسافر ائين ناهي وڻ سان ڪندو ،
جيئن پير ۾ ويهي، تون هليو وئين متا !

سات توکي مليو تون سکيو تي وئين ،
ڪنهن جي گذري ڪيهي، تون هليو وئين متا !

ان تہ "عاجز" جي ڪا هاڻ پر گهور لهہ ،
جنهنکي ريبي ريهي، تون هليو وئين متا !

دلـــي يـــار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو ،
وفـــادار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو .

ڇـــا بـــستي سـجي ســـاز ســازين جـــي آ ،
ملنـــسار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو .

عبـــادت كنـــدڙ آكڙيـــا تـــا وتـــن ،
گنهگـــار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو .

وڏا تـــي پيـــا ســـپ ســـندي كـــرت ۾ ،
نـــنـــيو ٻـــار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو .

ڇـڏيان كيـئن پيـارن جـي سـٿ كـي سـڄڻ ،
رهـــي ڏار كـــوئي ملـــي كونـــ تـــو .

ڏسون ٿا وساري ٿو ڪيسين ڀلا؟
جدا ٿي گذاري ٿو ڪيسين ڀلا؟

اسان کان جو منهنڙو ٿو ڦيري پرين ،
ٻين ڏي نهاري ٿو ڪيسين ڀلا؟

محبت گھٽائي ۽ نفرت رکي ،
بدلجي ڏيکاري ٿو ڪيسين ڀلا؟

اسان پي ڏسون ٿا : سڄڻ غير ڪي ،
ڪلي ۽ ڪيڪاري ٿو ڪيسين ڀلا؟

حياتيءَ تان هٿڙو ڪنيم يار "عاجز"،
ڏسون ، موت ماري ٿو ڪيسين ڀلا؟

غم خوشي آهي گڏيل مان ڇا ڪريان؟
زندگي آهي رليل مان ڇا ڪريان؟

ڪوبہ ڪونهي ياد واري گهر اندر،
در مگر پوءِ پيي ڪليل مان ڇا ڪريان؟

راهہ ۾ رولي ويو جو پاڻ هو،
سو اگر چئي: "تون پليل "مان ڇا ڪريان؟

ڪو نظارو پيي نئو هاٿي وٺي ،
دل ڏڪن سان آ ڀريل مان ڇا ڪريان؟

ٿو اکين ڳاڙهين مان "عاجز" ائين لڳي ،
جوش ۾ آهيان جليل مان ڇا ڪريان؟

هٺايو رات جا وارا، اسان کي جاڳڻو آهي،
ڪپن ٿي ڪين ٿا تارا، اسان کي جاڳڻو آهي.

امُر آهي :"نہ اک ٻوٽيو ، نڪي جھٽڪو اچي ننڊ جو،"
رڳو وينا ڏسون چارا، اسان کي جاڳڻو آهي.

برابر آسيارو ۽ وڏي وئي آ گهٽي سردي،
پلي پارا چمن پيارا ! اسان کي جاڳڻو آهي.

ڏسو ٿا هيڪلو آهيان ، مگر ڪا سار مونسان گڏ ،
نشانيون ۽ انگل آرا ، اسان کي جاڳڻو آهي.

سمهان ڪيئن مان ! سمهي پوندا صدين جي جاڳ جا سپنا ،
هٺان ويندا سڄڻ سارا ، اسان کي جاڳڻو آهي.

وئـــي ننــڊ واپـــس ورائـــي نـــہ ســـگھندس ،
ورائـــي وري ســـا وڌائـــي نـــہ ســـگھندس .

ســـدا جـــاڳ اکـــڙين ســـندي ســـونهن آهـــي،
انهـــيءَ کـــي کـــڏهن بـــہ وڃـــائي نـــہ ســـگھندس .

وســـاريو اوهـــان جـــي وســـاري ســـگھو تـــا،
مگـــر مـــان اوهـــان کـــي ڀلائـــي نـــہ ســـگھندس .

محبـــت ســـوا پـــي گھـڙـــا پيـــا گـــذارين ،
ڪٽـــي زنـــدگي هـــي ســـجائي نـــہ ســـگھندس .

جـــي احـــساس آهـــن تـــہ جيئـــرو مـــاڻھو،
خـــتم ٿيـــا تـــہ زندهـــ سـڏائي نـــہ ســـگھندس .

وفـــائن جـــي بـــدلي ملـــي جـــا جفـــا آ ،
اهـــو درد دل ۾ لڪـــائي نـــہ ســـگھندس .

بي اثر ٿي پيو گذارڻ ڇا ڪجي؟
پاڻ کي تنها سنيارڻ ڇا ڪجي؟

جڳ اجارڻ جو تہ مقصد هو مگر،
ٿيو ڏکيو پنهنجو سڌارڻ ڇا ڪجي؟

شام کي سُرخي سنواري ٿي مگر،
روشني اوندهہ جو ڪارڻ! ڇا ڪجي؟

ناخدا جي هٿ ۾ ڪشتي مون ڏني،
وس سندس ٻوڙڻ يا تارڻ ڇا ڪجي؟

ڏينهن جون بي رونقيون بي تابيون،
رات جو جاڳي گذارڻ ڇا ڪجي؟

هاڻ "عاجز" تي نظر هُن جي نہ آ،
ويو مٿي منهنڙو ڏيکارڻ ڇا ڪجي؟

پيش هر ڪنهن جي رهيا اعمال وو!
ڪير سمجهي ٿو اهي احوال وو!

موت کان ماڻهو ڊڄي ٿو ان ڪري،
جو ڪُلن ٿا ات سيئي افعال وو!

وقت ڪنهن کي حيثيت ڏي يا ڪسي،
يا وڏائي يا ڪري پئمال وو!

ٻڳهه هميشه ٿو مڃي من ۾ رکي،
هنج جو ڪم آهي ڳولڻ لال وو!

آهي نادان ڪم عقل جو ڪم برو،
۽ ڀلا ماڻهو ڀلائين پال وو!

نيڪ عملن جي پڇا "عاجز" اڳي،
ڇا ڪندين ميڙي مڏيون ۽ مال وو!

پاڻ هتان ڪان هلڻو آهي،
سڀ ڪجهہ نيت تہ ڇڏڻو آهي.

ڌهڻو نهڻو آهي ماڻهو،
ڪيسيتائين رهڻو آهي.

مائٽ مٽ ۽ سنگتي ساٿي،
ڪان پيي دل ڪي پلڻو آهي.

سک آرام ۽ عيش و عشرت،
پت تي ڪنڻو سنڻو آهي.

جنهن کي چاهيون تنهن کان آخر،
منهنڙو پنهنجو منڻو آهي.

"عاجز" ڏيهہ انهيءَ ڏي هلبو،
جاڏهون پوءِ نہ ورڻو آهي.

خبـــردار غفلـــت ۾ گھـــاريو متـــان !
ســـندو مـــوت يـــارو وســـاريو متـــان !

اجـــل اوچتـــو اوچتـــو آهـــي اچڻـــو،
انهـــيءَ ڳالھـــ کـــان ڏيـــان تـــاريو متـــان !

اتـــوَ نفـــس دشـــمن انهـــيءَ جـــي چـــوڻ،
ڪٽـــي خواهـــشن کـــي ســـينگاريو متـــان !

ســـچڻ کـــي ڏســـي بنـــد اکڙيـــون ڪريـــو،
وري ڪـــنهن ٻئـــي ڏي نهـــاريون متـــان !

ثمـــر آخـــرت جـــو ڪٽـــو ســـاڻ "عـــاجز"،
ڏکيـــو تـــنهن ســـواءِ پـــوءِ گـــذاريو متـــان !

ڏسجو دنياداري آهي،
مطلب جي دلداري آهي.

رشتا ناتا ايئن ٿا ڀاسن،
مت ۾ ڄڻ ڪا واري آهي.

هرڻي وانگي من آ ماندو،
۽ هر خواهش ماري آهي.

جذبن جيءَ سان ويڙهه مچائي،
جنگ اندر ۾ جاري آهي.

اڻ ڄاتي ڪنهن منزل "عاجز"،
هاڻ هلڻ جي تياري آهي.

مصيبت جي گهڙي آيل ڏسان ٿو،
سڄو ماحول گهٻرايل ڏسان ٿو.

سچائي سڀ ڪنهن جي آهي فطرت،
ڪچائي پر هٿين ٺاهيل ڏسان ٿو.

ڪنورن کي نہ ڪجھہ احساس آهي،
نرم دل ئي سدا گهايل ڏسان ٿو.

هتان گفتار جي نرمي هلي وئي،
هتي رفتار جا تايل ڏسان ٿو.

هٿن تي زور جي ميندي سجي ٿي،
ڪي طاقت تي بہ پرٽايل ڏسان ٿو.

نہ جذبن جو رهيو ڪو قدر "عاجز"،
بي قدري هاءِ پڙڪايل ڏسان ٿو.

نٿو آرام ڏين، آزار ته نه،
اسان کي اي زمانا! مار ته نه.

محبت جي نه مقدر ۾ لکيل آ،
ته چرچو يي ڪري يـر! ڪار ته نه.

مڇي پاٽي بنا، ائين يار آهيون،
خبر يي جي اتئي ڪر ڏار ته نه.

اسان جي دل صفا ڪمزور آ،
ڏئي ڳٽتيون انهيءَ کي ڳار ته نه.

وچون ٿا شهر مان "عاجز" لڏيا پر،
ڪٿڻ جهڙا ٿيا تڪرار ته نه.

زمانو زور ٿيندو تو وڃي پيو،
ڏکيو هر دور ٿيندو تو وڃي پيو.

شناسائي رکن تا جانور پڻ،
ڇو ماڻهو ڊور ٿيندو تو وڃي پيو.

نہ قائم حالتون بهتر ڏسان ٿو،
وقت پيڳ پور ٿيندو تو وڃي پيو.

سياڻو ڪانوَ وانگر ڪو جهڙو ۽،
اياڻو مور ٿيندو تو وڃي پيو.

جيئڻ جنجال تيو مسکين ماڻهو،
زندهہ در گور ٿيندو تو وڃي پيو.

سچ کي گھوگھي سان ڦاهي ٿو ڏسان،
کوڙ کي آزاد ساهي ٿو ڏسان.

وقت اهڙو آهي وريو يار جو،
وات سڀ کنهن بچڙي وائي ٿو ڏسان.

بي غرض جي دوستي ڀي وئي هلي،
مطلبي سڀ حال پائي ٿو ڏسان.

خاڪ کي آخر ته ملڻو خاڪ ۾،
متجندي هر شان شاهي ٿو ڏسان.

ملڪيتون مڪر ۽ فريبن مان جڙيون،
ڏوڏ جي ساري ڪمائي ٿو ڏسان.

واهه "عاجز" تنهنجي هر هڪ شعر ۾،
عام ماڻهوءَ سان ڀلائي ٿو ڏسان.

پــــري ٿينــــدا ويـــا رشـــتا ڏســـان تـــو،
ٻــين جـــي در ســـدا پنهنجـــا ڏسـان تـــو.

ســـکن پويـــان ويـــا پـــر ڏک لـــدائون،
گهڻـــا مـــاڻهو رڳـــي اهنجـــا ڏســـان تـــو.

گهڻـــا عابـــد يـــي پـــائي کـــين ســـگهيا،
دلـــين تـــي ئـــي رکيـــا درجـــا ڏســـان تـــو.

کهـــل ۾ قيـــاس ئـــي بـــس کونـــ آهـــي،
تيـــل معـــصوم جـــا ٽکـــرا ڏســـان تـــو.

نـــشانيون ڏوهـــ جـــون آهـــن نمايـــان،
چٽـــائي جيکـــڏهن چهـــرا ڏســـان تـــو.

ويـــو هـــو نانـــگ نکـــري يـــار "عـــاجز" ،
مگـــر کتبـــا رهيـــا ليکـــا ڏســـان تـــو.

دنيا ۾ موت جا ڏاڪا ڏسان ٿو،
پريشانين سندا ڏاڪا ڏسان ٿو.

سمورا خان ڏس خالي هٿئين ويا،
شهنشاهہ ڀي ڪندي واڪا ڏسان ٿو.

گذاريو غفلتن ۾ جنهن به هوندو،
ڪندي تنهن جي زبان جهاڪا ڏسان ٿو.

وڃي ٿو روح اُڏامي جنهن گهڙي پوءِ،
جسم خالي ۽ چند خاڪا ڏسان ٿو.

هتي سيڪو مسافر آهي "عاجز" ،
هليا ڪيئي ويا باڪا ڏسان ٿو.

گیت

پيرن ۾ آ پور
پرين جو آهين ڏور
چاهت چڪنا چور
پرين جو آهين ڏور
چنڊ چاندوڪي پاڻ نہ پوي ٿي
سج وڏائي سور
پرين جو آهين ڏور
روز اوهان جي سار ستائي
روح رهي رنجور
پرين جو آهين ڏور
ڏار گذارڻ جو ڇا ڪارڻ؟
ڪهڙو آ قصور
پرين جو آهين ڏور
"عاجز" جو هر لمحو گذري
محبت ۾ مجبور
پرين جو آهين ڏور

سخت تر آيا اونهارا، اچ منا پينگهي لڏون،
دير ڇا جي دم دلارا، اچ منا پينگهي لڏون .

راتيون ننديون تين تيون، ڏينهن تين ڏاڍا وڏا،
ننڊ پوري ڪانہ پيارا، اچ منا پينگهي لڏون .

انب ليما جام تي پيا، ڏنگ ڏوڪا ڪارڪون،
گڏ رهي ڪريون گذارا، اچ منا پينگهي لڏون .

اچ هوا ڪجهہ آ تڏي ۾ پڻ تيا جذبا جوان،
ڪن اکيون توکي اشارا، اچ منا پينگهي لڏون .

دير ڇڏ گڏجي گذاريون زندگيءَ جون هي گهڙيون،
پوءِ ملن شايد نہ وارا،اچ منا پينگهي لڏون .

رات ٿري جيئن مٺا،
ماڪ پئي تيئن مٺا.
ياد اچين............

ڪيت پچن گاهه ڦٽن،
نينهن لڳن ساز ڇڙن،
سانگ ٽيا ڪيئي ڪٺا.
ياد اچين............

مينهن وسن روڊ پسن،
گونج ٿين گل ٽڙن،
دل ۾ آهن دود دکيا.
ياد اچين............

ڪيئين ڪيان ڪاڏي وڃان
هن هُن ڪان پنڌ پڇان
راهه ڏسان تنهنجي سدا.
ياد اچين............



نيــنهن لائــڻ ۽ نبــاهڻ ڪــو اوهــان ڪــان ئــي ســڪي
پيــار ڪــي بيحــد بنــائڻ ڪــو اوهــان ڪــان ئــي ســڪي
نــاز نخــرا محــب ماٽــا ســپ اوهــان ڪــي ٿــا اچــن
سڪ ونڊا ويتــر ســڪائڻ ڪــو اوهــان ڪــان ئــي ســڪي

ڏک ڏاجـــــي ۾ هـــــا ڪـــــري ورتـــــم
ســـــڪ جـــي ڪـــاتي ۾ هـــا ڪـــري ورتـــم
ڪـــــوڙ ســـــختيون پلئـــــ پيـــــون "عـــــاجز"
نيـــــنهن نـــــاتي ۾ هـــــا ڪـــــري ورتـــــم

ستم پي ياد گار ٿيندا ويا
زخم پي ياد گار ٿيندا ويا
دوستن جي دعا آهي "عاجز"
مرهم پي ياد گار ٿيندا ويا

لالچ ۽ طمع داري اڇڪلهه گهٽي ڏسان ٿو
مطلب جي دنيا داري اڇڪلهه گهٽي ڏسان ٿو
ڪيئن پيو هلي زمانو؟ ماڻهن کي ڇا ٿيو آ
چو طرف رات ڪاري اڇڪلهه گهٽي ڏسان ٿو



سڀ ڪجھ ساڳيو پر

ڪوئي متجي ويو..............

گھر صحن ۽ روشنــي

پــتيــون دريـــون در

ڪوئي متجي ويو..............

پيــرن پــور جھـليو

نســـريا ســارا ســر

ڪوئي متجي ويو..............

اونهـارا ويا سيـارا

ساڳيا ئـي منظر

ڪوئي متجي ويو..............

چاٽي ڪيئن ورتئي

"عاجــز" هــيءَ خبــر

ڪوئي متجي ويو..............

مــون ويجـهو ناهين ،
خوشين کي چا ٿيو؟
پيون ٿيون تڙپائين ،
خوشيـن کي چا ٿيو؟
رت سنــدا ڳــوڙهــا ،
اکــڙيــون وهــائـين .
خوشين کي چا ٿيو؟
ماٽيـلي ماءُ جيـئن ،
چـڙ ٿـي پيــون آهن .
خوشين کي چا ٿيو؟
ڪو تـہ قصور "عاجز"،
ٻيــــلي ٻـڌائـيـن !
خوشين کي چا ٿيو؟

تنهنجي ياد مـٺا !
تـــي آبـــاد مـٺا !
ننڊ اڌامي وئي .
سوچن کان ناهيان،
مان آزاد مٺا !
ننڊ اڌامي وئي .
ڪنهنکي آخر ڏيان،
هي فرياد مٺا !
ننڊ اڌامي وئي .
"عاجز" هئہ گهوڙا !
ڙي بغداد مٺا !
ننڊ اڌامي وئي .

تـــا گهـٽــو نتـــايـــون،
رات ئي نہ ٿي پوي.

ننـڊ پـي اچـي نـٿـــــي،
جـــاڳ تـــا وڏايــــــون.
رات ئي نہ ٿي پوي.

چو طرف جي سانت کان،
خـوف پيـا ٿـا پائـئيـون.
رات ئي نہ ٿي پوي.

ڏيـنـهن وانـگر رات کي،
جــي ڪٽـــي ٻٽـــايـــون.
رات ئي نہ ٿي پوي.

هيـڪلائي آهـي "عاجز"،
ڪـنهـنـڪي هـي ٻڌايـون.
رات ئي نہ ٿي پوي.

اوڙي تــــــارا

يَرَ جاڳـــڻ وارا

سمهي پئو پلا..............

رات گهٽي گذري،

سوچ تہ ڪر پيارا .

سمهي پئو پلا..............

چنڊ هليو ويـو آ ،

گـم ٿيـا چـــارا .

سمهي پئو پلا..............

پويون پهـر پڳو،

صبـــح جـــا وارا .

سمهي پئو پلا..............

ننڊ پـيـا هـونـدا،

ڪيئي تـو پـارا .

سمهي پئو پلا..............

روڪيو ويندي شام،

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

ٻيلي رب جي نام!

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

اوندهہ ۾ ڪو ڪونهي اُجالو،

ڪاري رات قيام.

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

ڪتيون تارا ٽانڊا سارا،

اڳ تيا گس گام.

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

اکين اوجاڳا آهن مليا،

محبت ۾ انعام.

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

"عاجز"کو تہ اچي ڏي جلدي،

پرهہ سندو پيغام.

مون کان رات نٿي ڪٽجي.

راتِ، ڪمرو، بلب

۾ مان ....

شاعري جي طلب

۾ مان ....

ننڊ ڪوهين پري

هيءَ حيرت عجب.

۾ مان ....

ڪنهن جي يادن سندا،

ڄڻ وڏي پيا سبب.

۾ مان ....

سڀ سمهي پيا پيا،

جاڳي هڪڙو رب.

۾ مان ....

آهـــي آوارگي،
نہ وڃون مارجي.
موٽ جلدي مٺا !

دل وٺي ضربجي،
جـــان آذارجـي.
موٽ جلدي مٺا !

موت آهي مٿان،
زندگـي عارضي.
موٽ جلدي مٺا !

حوصلو پيو وٺون،
پر وڃـي هارجـي.
موٽ جلدي مٺا !

آن ڪٿي او پرين؟
پلٽجـي وار جـي.
موٽ جلدي مٺا !

شاعري ادب جي ڪا هڪڙي صنف نہ
رهي آهي، پر اڄڪلهہ جي اونداهي ۾
پوسٽ واري ماحول ۾ ڪوبہ ماڻهو سنئون
سڌو سچ چوڻ جي اگر جرئت ڪري
سگهي ٿو تہ اهو شاعر ئي آهي.
اهڙن بهادر ۾ ٻي ڏين ماڻهن مان اسان جو
ٻچڙو عاجز بہ هڪ آهي. ”سور سانير
سندا“ ۽ ان ڪانپوءِ ”ڪتور تا جو
احساس“ سندس اهڙا شعري جا مجموعا
آهن، جن جي پڙهڻ سان هڪ اميد پيدا
ٿي تہ سنڌ اڃا سجاڳ آهي. احساس
اڃان زنده آهن. اڄ وري جڏهن هي
سندس نئون شعري مجموعو سامهون آيو
آهي تہ هڪ هڪ لفظ انمول موتيءَ جيان
جرڪي رهيو آهي.

ٻَلِ هوا جو رُخ مخالف ٿي رهي،
ٻار ڪو ”عاجز“ اميدن جو ڏيئو.

انشاءَ الله تہ اهو اميدن جو ڏيئو گهڻن ئي
راهہ ويندڙن لاءِ روشنيءَ جي لاٽ ثابت
ٿيندو دعا آهي تہ ننڍڙو عاجز هڪ ڏينهن
ادب جي دنيا جو روشن ستارو ٿي
چمڪندو.

ڪنيز فاطمہ راڄپر





سنڌ ادبي اڪيڊمي

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙهو، ياڄوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهـي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لِڱل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن ڪي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ
ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي ڀائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)